سنڌي پهريون ڪتاب

مربوط نصاب پٽاندر



سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو

سنڌي پهريون ڪتاب

(مربوط نصاب پٽاندر)

ڇپائيندڙ:

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو.

ڇپيندڙ:

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو

يونيسيف (UNICEF) جي سهڪار سان پرائمري ايجوڪيشن
ڪريڪيوليم رفارم پراجيڪٽ (PECRP) هيٺ ڇپيل
هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ .
اداره نصاب ۽ توسيع سنڌ، ڄامشورو جو تيار ڪرايل ۽ وفاقي
وزارت تعليم، اسلام آباد پاران سنڌ صوبي لاءِ واحد درسي ڪتاب
طور منظور ڪيل .

قومي رويو ڪميٽيءَ جو ڇڪاسيل.

لکندڙ:

انور علي زنگيجو

- سيد شير شاهه
- غلام رسول چنا
- نياز محمد شيخ
- امداد حسيني
- فيض محمد شاهاڻي

ايڊيٽر:

ڊاڪٽر غلام علي الانا

- امداد حسيني
- محمد بچل ميمڻ

ڪمپوٽر ڪمپوزنگ :
ڊي.ٽي.پي. سيڪشن سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو

ڇپيندڙ:

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پرنٽنگ پريس
ڄامشورو ، سنڌ.

فهرست

سبق	عنوان	صفحو نمبر
1	مالڪ سائين (بيت)	1
2	اسان جو نَبِي سڳورو	3
3	اسان جو گهر	5
4	سچ ڳالهاءِ (بيت)	8
5	اسان جو اسڪول	10
6	اسان جو ڳوٺ	12
7	پاٽي	14
8	عيد	16
9	هي ڇا آهن ؟	18
10	اسان جو وطن	19
11	جهنڊو (نظم)	21
12	سُٺيون ساهيڙيون	23
13	سُٺا ڪم	25
14	جاندار شيون	27



سبق	عنوان	صفحو نمبر
15	ڪير ڇا ڪري رهيو آهي؟	31
16	صفائي	34
17	ميلو	36
18	سج، چنڊ ۽ تارا	38
19	واهه ڙي تارا (بيت)	41
20	ڳُڏين راند	43
21	مِينهُن (ٻاراڻا ٻول)	45
22	سواريون	47
23	اچو ته شيون ڳاڻيون	50
24	ٻُجهارتون	51
25	شِينهُن ۽ ڪُئو	52
26	جانورن جون ٻوليون	53
27	لڪ لِڪوٽي راند	55
28	دُعا (بيت)	57

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

1

سبق پهريون

مالِڪُ سائِين (بيت)

سِجُ، چنڊُ ۽ تارا سائِين،
اُڀَ تي تون ئِي ٿو چمڪائِين،
پوٺن تي ٿو مِينهَن وسائِين،
گُلڙن ۾ تون رَنگَ رچائِين،
ٻَنين ۾ تون پوک پچائِين،
گُل ڦُل ميوا اَنَ اُپائِين،
سڀني کي ٿو روزُ رَسائِين،
سڀني جو تون مالِڪُ سائِين!

- امداد حسيني

مشق

1. اکَرَ ملايو:

سـ ـج - پـ ـو ـڪ - گـ ـل ـڙ ـن
گـ ـل ڦـ ـل - ما ـلـ ـڪ - سـ ـا ـئـ ـيـ ـن

2. هي ڇا آهن؟



3. ٽيڪا ملايو.



4. پڙهو ۽ ورجايو:-

مِينهَن - مِينهُن - گُلَ - گُلُ - سِجَ - سِجُ

اَنَ - اَنُ - رَنگَ - رَنگُ - اُپَ - اُپُ

سبق ٻيو

اسان جو نَبِي سڳورو

اسان جي نَبِي سڳوري جو نالو حضرت مُحمّد صلّي الله عليه وآله وسلّم آهي. پاڻ سڳورا الله سائِينءَ جا آخري نَبِي آهن. الله پاڪ مٿن قُرآنُ شريفُ لاٿو. قُرآنُ شرِيفُ الله سائينءَ جو آخرِي ڪتابُ آهي.

اسان جي نَبِي سڳوري جن فرمايو ته:

الله هڪ آهي.

نماز پڙهو.

ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃيو.

وڏن جو ادب ڪريو.

عِلم پرايو.

سَدائين سچ ڳالهايو.

مشق

١. پڙهو ۽ لکو:

نَبِي - آخري - قرآن شريف - نماز - ڪتاب - ادب - سچ

2. ٻُڌايو تہ:

(1) اسان جي نَبِي سڳوري جو نالو ڇا آهي؟

(2) الله سائينءَ جي آخري ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

(3) اسان جي نَبِي سڳوري ڇا فرمايو آهي؟

سُجاڻو ۽ ٻُڌايو.



ٽپڪا ملايو:





سبق ٽيون

اسان جو گھرُ

هِيءُ اسان جو گھر آهي. اُن ۾ آءٌ، منهنجو پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ رهندا آهيون. اسان جي گھر ۾ ٻه ڪمرا، رڌڻو ۽ وِهنجڻ جي جاءِ آهي. اُنهن ۾ روشنيءَ ۽ هوا لاءِ دَرَ ۽ دَريون آهن. ڪمرن جي اڳيان ورانڊو آهي. اسان جي گھر ۾ اڱڻ به آهي. اڱڻ ۾ نِم جو وڻ ۽ ٻُوٽا آهن.

اسان هڪ مينهِن ڌاري آهي. اسين اُن جو کير پيئندا آهيون. کير مان ڏُڌ ۽ مکڻ به ٺاهيندا آهيون. اسان گھرَ ۾ ڪُڪڙيون به پاليون آهن. اُهي آنا ڏينديون آهن.

اسين پنهنجي گھرَ کي صاف سُٿرو رکندا آهيون. اسين پنهنجي ماءُ پيءُ جو چيو مَڃيندا آهيون. اُهي اسان کي پيار ڪندا آهن.

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

رڍٽو - وهنجڻ - روشني - ورانڊو- اڱڻ - پيئندا -
پاليون - ڏينديون- صاف سُٿرو- مَجيندا.

2. ٻُڌايو تہ:

(1) در ۽ دريون ڇا لاءِ هونديون آهن؟

(2) مينهن ڇا لاءِ ڌاريندا آهيون؟

(3) ڪُڪڙيون ڇو پاليندا آهيون؟

(4) اوهيَن پنهنجي گهر کي ڪيئن رکندا آهيو؟

3. سُڃاڻو ۽ ٻُڌايو:

جانور

وڻ

پکي

4. هي شيون ڪهڙي ڪم اچن ٿيون؟



5. ٽپڪا ملايو:



سبق چوٿون

سچ ڳالهاءِ (بيت)

آءٌ نہ ڪڏهين ڪُوڙو ٿيندس،
ساهہ سدائين سچ تي ڏيندس.
ڪُوڙ چوان تان پَتِ وِڃايان،
هِتي هُتي نِت پاڻ لڄايان.
سَيئِي ڪوڙو ڪُوڙو چوندم،
پاسي ۾ پوءِ وِيهَڻُ نہ ڏيندم.
سچ چوڻ سان مِلندُم پيار،
ڪڏهين ٿيندُس ڪِينَ خوار.
مون کي ڏي تون سَگهہ ڏڻي!
سچ سان رکان دل گهڻي.

مشق

١. پڙهو ۽ لِکو:

ڪڏهينَ - سدائين - پَتِ - وِڃايان - نِت - لڄايان - خُوار - سَگهہ .

2. هيٺين جا ابتڙ لفظ لکو:

جيئن: اڇو - ڪارو

ڪُوڙو ....

وِيهَڻ ....

3. لفظَ ناهِيو:

جيئن: اَڇ - اَڇجو

ٿِج ....

ڏِج ....

وَڄج ....

ڇَئج..........

4. پَڙهو ۽ ورجايو:

(الف) سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي.

(ب) ڪوڙ ڪڏهين به نه ڳالهائڻ گهرجي.

(ج) سدائين سچ تي هلڻ جي ڌڻيءَ کان دعا گُهرجي.

5. ٽٻڪا ملايو:



سبق پنجون

اسان جو اسڪول

اسان جو اسڪول ڏاڍو سُٺو آهي. اُن ۾ پنج ڪمرا آهن. صبح جو اسڪول جو گهنڊُ وڄندو آهي. پوءِ اسين قطارُون ٺاهي بيهندا آهيون. دُعا پڙهي، قومي ترانو ڳائيندا آهيون. پوءِ قومي جهنڊي کي سلامي ڏيئي، ڪلاسن ۾ ويندا آهيون.

اُستاد اسان کي پيار سان پڙهائيندا آهن. اسين بہ سندن عزت ڪندا آهيون.

ڪلاسن جي ٻاهران ڪچري جا دَٻا رکيل آهن. اسين اُنهن ۾ گندِ ڪچرو ڦِٽو ڪندا آهيون.

اسان جي اسڪول ۾ هڪ باغيچو پڻ آهي. اُن ۾ اسان ٻُوٽا پوکيا آهن. انهن کي اسين پاڻي ڏيندا آهيون. اسڪول جي ڀرسان هڪ ميدان بہ آهي. اسين اُتي گڏجي راند ڪندا آهيون.

مشق

1. سُڃاڻو ۽ ٻُڌايو:





2. خال ڀريو:

سُٺو
↓

(1) اسان جو اسڪول .... آهي.

(2) اسان جو گهر ....آهي.

(3) اسان جو ڪتاب ....آهي.

(4) اسان جو اُستاد ....آهي.

(5) اسان جو قومي جهنڊو.......................آهي.

3. ٻُڌايو ته:

(1) اسان جي اسڪول ۾ ڪيترا ڪمرا آهن؟

(2) اسين گند ڪچرو ڪٿي ڦٽو ڪندا آهيون؟

(3) اسان باغيچي ۾ ڇا پوکيو آهي؟

سبق ڇهون

اسان جو ڳوٺُ

آءٌ هڪ ڳوٺ ۾ رهندو آهيان. اسان جي ڳوٺ ۾ ڪَچاءِ پَڪا گهر آهن. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو ٻڪريون، ڳئون ۽ مينهيُون ڌارِيندا آهن.

ڳوٺ ۾ رازا، وادا، لوهار ۽ ڪُنڀار بہ رهندا آهن. اُهي اسان جي ڪم ايندا آهن. ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا بہ اسڪولَ آهن. هتي هڪ اسپتالَ پڻ آهي.

ڳوٺ جي چوڌاري ٻَنيون آهن. اُنهن ۾ هاري پوک ڪندا آهن. ڳوٺ جي پرسان ٻيلو آهي. ان ۾ گهاٽا وڻ آهن. وڻن سان هوا بہ صاف ٿيندي آهي. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد بہ آهي. اسين اُتي نماز پڙهندا آهيون.

اسين پنهنجي ڳوٺ کي صاف سُٿرو رکندا آهيون. اسين ڳوٺ ۾ گڏجي رهندا آهيون. سيئي ڳوناٽا هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهيون.

مشق

1. پڙهو ۽ لکو:

ڏاريندا - رهندا - ڪندا - پڙهندا - رڪندا.

2. ٻڌايو ته :

(1) هي جايون ڪهڙي ڪم اينديون آهن؟

(1) هي ماڻهو ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهن؟

3. ٻڌايو ته :

1- ڳوٺ ۾ ڪهڙا گهر هوندا آهن.؟

2. ڳوٺ ۾ ماڻهو ڪهڙا ڌنڌا ڪندا آهن؟

سبق ستون

پاڻي

الله سائينءَ اسان لاءِ ڪيترين ئي شيون پيدا ڪيون آهن. پاڻي به اُنهن مان هڪ شيءِ آهي. پاڻي دريائن، واهن، ڍنڍن ۽ کُوهن مان ملي ٿو. نلڪن مان به پاڻي ملندو آهي. مينهَن وسڻ سان پڻ پاڻي ملندو آهي. اسين پاڻي پيئندا آهيون.

پاڻيءَ سان رڌپچاءُ به ڪبو آهي. اُن سان وهنجندا ۽ ڪپڙا به ڌوئندا آهيون. پوکون به پاڻيءَ تي ٿينديون آهن. مطلب ته جيئڻ لاءِ پاڻي تمام ضروري آهي. پيئڻ لاءِ پاڻي صاف هئڻ گهرجي.

پاڻي ٽهڪائي، ٿڌو ڪري ، پيئڻ سٺي ڳالهه آهي. ائين ڪرڻ سان پيٽ جون بيماريون ڪونه ٿينديون.

مشق

1. پڙهو ۽ لکو:

ڪيتريونَ - دريائن - واهن - کُوهن - نلڪن-
وسڻ - رڌپچاءُ - وهنجندا - ڌوئندا - جيئڻ -
ضروري - ٿهڪائي - بيماريون.

2. لفظَ ٺاهيو: جيئن: ٿڌو ٿڌا

طوطو ..... تارو ....
نلڪو ..... جهنڊو ....
گهوڙو ..... سنو ....

3. ياد رکو ته:

(1) پاڻي دريائن، ڍنڍن، واهن ۽ کوهن مان ملندو آهي.
(2) پاڻيءَ سان رڌپچاءُ ڪبو آهي. (3) پوکون پاڻيءَ تي ڪندا آهيو
(4) صاف پاڻي پيئڻ گهرجي.

4. سُڃاڻو:






سبق ائون

عيد

عيدَ مسلمانن لاءِ خوشيءَ جو ڏينهُن آهي. اُن ڏينهَن تي نوان ڪپڙا پائبا آهن. عيدَ نماز پڙهبي آهي. هڪ بئي سان ملبو آهي. عيد مُبارڪ ڏبي آهي. عيد تي سُٺا سُٺا کاڌا تيار ڪبا آهن. اُهي پاڙي وارن کي بہ موڪلبا آهن. عيد جي ڏينهن ٻار ڏاڍا خوش هوندا آهن. اُنهن کي عيد جي خرچي ملندي آهي. اُهي خرچيءَ مان رانديڪا ۽ شيون وٺندا آهن.

مشق

1. پَڙهو ۽ لکو:

پائبا - پڙهبي - ملبو- ڏبي - ڪبا- موڪلبا-
ڏينهن - عيد مبارڪ - خوش - خرچي.

2. ٻُڌايو ته:



(1) رانديڪا ڪٿي آهن؟

رانديڪا ميز ...... آهن.



(2) ٻلي ڪٿي آهي؟

ٻلي کَٽ .... آهي.



(3) ڪپڙا ڪٿي آهن؟

ڪپڙا ڪٻٽ ...... آهن.

3. ٻُڌايو ته:

(1) مسلمانن لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟

(2) عيد نماز ڪٿي پڙهبي آهي؟

(3) ٻار عيد جي خرچيءَ مان ڇا ڇا وٺندا آهن؟

سبق نائون

هِي ڇا آهن؟



مشق

ٽپڪا ملايو:



سبق ڏهون

اسان جو وطنُ

اسان جو وطنُ پاڪستانُ آهي. پاڪستانُ قائد اعظم مُحمد علي جناح رحہ ٺاهيو. پاڪستانَ ۾ وڏا وڏا جبلَ، ٻيلا ۽ ميدانَ آهن. اُن ۾ سمنڊ، درياءَ ۽ ڍنڍون پڻ آهن. سنڌو درياءُ پاڪستانَ جو وڏي ۾ وڏو درياءُ آهي.

اسان جي ملڪ جي زمينَ ڏاڍي ڀَلي آهي. اُن ۾ اناج، ڀاڄيون ۽ ميوا ٿيندا آهن. پاڪستانَ ۾ ڪيترائي ڪارخانا آهن. اُنهن ۾ کنڊ، ڪپڙو، دوائون ۽ ٻيون شيون ٺهنديون آهن.

اسان جي پياري ملڪ جو هڪ جهنڊو آهي. اُن جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي. اُن جي وچ ۾ چنڊ ۽ تارو آهي. اسين اُن جي عزت ڪريون ٿا. اسين سڀ پاڪستاني آهيون ۽ پاڻ ۾ گڏجي رهندا آهيون.

پياري وطنَ جي هرشيءِ اسان کي پياري آهي. اسان کي اُنهن جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. الله سائين، شال اسان جي وطنَ کي سدائين آباد رَکي!

1. پڙهو ۽ لِکو:

وطن - پاڪستان - سمنڊ - ڍنڍون - ڪارخانا -
دوائون - جهنڊو - عزت - شيءِ - شال .

2. اکَر ملايو:

مـ ـيـ ـدان - پـ ـاجـ ـيـ ـون - سـ ـنـ ـپـ ـال - گـ ـهـ ـرجـ ـي

3. ٻُڌايو ته:

(1) اسان جي وطن جو نالو ڇا آهي؟

(2) پاڪستانُ ڪنهن ٺاهيو؟

(3) پاڪستانَ ۾ ڪهڙا ڪارخانا آهن؟

(4) پاڪستانَ جي قومي جهنڊي جو رنگ ڪهڙو آهي؟

(5) پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ ڪهڙو آهي؟

4. ٽيڪا ملايو ۽ خاڪو تيار ڪريو:.



سبق يارهون

جهنڊو (نظم)

جَهنڊو پنهنجو پاڪستاني،
قوم سَنڌِي جو آهي نشاني.

جهنڊو آهي جانِ کان پيارو،
روشن اُن ۾ چنڊ ۽ تارو.

رنگ اُنهيءَ جو آهي نيارو،
سائو، اڇو، واهه جو ٻارو.

اُن سان آهي مانُ اسان جو،
جهنڊو آهي شانُ اسان جو.

اچو ته گڏجي گيت هي ڳايون،
قومي جهنڊي کي جُهولايون.

- ٻچل ميمڻ

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

قوم - نشاني - روشن - نيارو - مانُ - جُهولايون.

2. هنن جهڙا ٻيا لفظَ ٺاهيو:

جيئن :- چنڊ ← جنڊ

پيارو ← ....   مانُ ← ....

اَڇو ← ....   رنگ ← ....

3. (1) ڊرائنگ ڪاپيءَ تي قومي جهنڊو ٺاهيو:



(2) ٽپڪا ملايو:

سبق ٻارهون

سُٺيون ساهيڙيون

شهلا ۽ شيرين پاڻ ۾ ساهيڙيون آهن. هو ڏاڍيون سُگهڙ ۽ سياڻيون آهن. ٻيئي گڏ پڙهنديون ۽ گڏ کيڏنديون آهن. پوءِ ڪڏهن ٽاپون راند ڪيڏنديون آهن، ته ڪڏهن نوڙي ٽپنديون آهن. هنن شيرين جي ماءُ کان سبڻ ۽ ڀَرڻ به سکيو آهي. هاڻي هو گُڏيون به ٺاهي سگهنديون آهن. هو گهر جي ڪم ۾ ماءُ جي مدد ڪنديون آهن.

شهلا ۽ شيرين پنهنجي خرچي گڏ ڪنديون آهن. اُن مان ڪڏهن ڪتاب، ڪڏهن ڪپڙا، ته ڪڏهن ٻيون شيون وٺنديون آهن. هِن سال هُنن پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪونه ورتو. گڏ ڪيل پيسن مان پنهنجي ڪلاس جي هڪ غريب ڇوڪريءَ کي ڪتابَ ۽ ڪپڙا وٺي ڏنا. هو ائين نه ڪن ها، ته اها وڌيڪ پڙهي نه سگهي ها، ڇو ته ان ڇوڪريءَ جا مائٽ ڏاڍا غريب هئا.

شهلا جي ماءُ اها ڳالھ ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. هن ٻنهي کي شاباس ڏني. هن چيو تہ ” ٻين جي مدد ڪرڻ سٺي ڳالھ آهي“.

مشق

1. پَڙهو ۽ ورجايو:

پڙهڻ - پڙهنديون - کيڏڻ - کيڏنديون - وڻڻ - وڻنديون.

2. پڙهو ۽ لکو:

ساهيڙيون - سگهڙ - سياڻيون - سبڻ - پرڻ.

3. ياد رکو:

پڙهڻ سان گڏ کيڏڻ بہ ضروري آهي.

ڇوڪرين کي سبڻ ۽ پرڻ بہ سکڻ گهرجي.

بچت ڪرڻ هڪ سٺي عادت آهي.

ٻين جي مدد ڪرڻ هڪ سٺي ڳالھ آهي.

4. ٻُڌايو تہ:

1- شهلا ۽ شيرين پاڻ ۾ ڇا آهن؟

2- اُهي پنهنجي خرچيءَ مان ڇا وٺنديون آهن؟

3- هُنن ڪتاب ۽ ڪپڙا ڪنهن کي وٺي ڏنا آهن؟

4- شهلا جي ماءُ هُنن کي ڇا چيو؟



سبق تيرهون

سُنا ڪَم

اڪبرُ ۽ آمنتَ پاڻ ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ آهن. اُهي سدائين اڇا اُجرا رهندا آهن. وقت تي ماني کائيندا آهن. وقت تي راند ڪندا آهن. اسڪول بہ وقت تي ويندا آهن. اسڪول مان سڌو گهر ايندا آهن. هڪڙي ڏينهُن، اسڪول کان موٽندي هُنن کي دير ٿي وئي. گهر پهچي هُنن ماءُ پيءُ کي اَلسّلام عَلَيڪُمُ چيو. ماءُ پيءُ کين وَعَليڪُمُ اَلسّلاَمُ چيو.

اڪبرَ ۽ آمنتَ ڪتاب رکي، ڪپڙا مَٽايا. پوءِ سيني هٿ ڌوئي بِسمِ الله چئي ماني کاڌي. پيءُ آمنتَ کان پڇيو، "ڌيءَ، اڄ توهان دير ڇو ڪئي!" آمنت چيو تہ، "بابا! رستي تي هڪ بُڍڙي بيني هئي، اسان ان کي رستو ٽپايو" . اڪبر چيو، " اَمان! پوءِ اسين اُن کي سندس گهر ڇڏي آياسين، ان ڪري ديرٿي وئي." ماءُ پيءُ ٻنهي کي شاباس ڏني ۽ چيائون تہ، " اِهو تہ توهان ڏاڍو سنو ڪم ڪيو! "

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

وقت - موٽندي - اَلسّلامُ عَلَيْکُمْ - وَعَلَيْکُمُ السّلامُ - بِسم الله - شاباس.

2. پَڙهو ۽ ورجايو:

(1) وقت تي اسڪول وڃڻ گهرجي .

(2) وقت تي ماني کائڻ گهرجي .

(3) وقت تي راند ڪرڻ گهرجي .

(4) ڪنهن سان ملڻ مهل السلام عليڪم چوڻ گهرجي.

3. ياد رکو ته:

(1) ٻين جي مدد ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(2) جانورن تي ڪهل ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(3) وڏن جو ادب ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(4) ننڍن سان پيار ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

سبق چوڏهون

جاندار شيون

اسين پنهنجي چوڌاري ڪيتريون ئي شيون ڏسون ٿا. انهن مان ڪي جاندار آهن، ته ڪي بي جانِ.

ٻُوٽا ۽ جانور جاندار آهن. ڪانءُ، ڪبوتر، طوطو ۽ ڪُڪڙ جاندار آهن.

ماڙهو، ڍڳئون، مينهِن ۽ ٻڪري به جاندار آهن. ڪُتو، ٻلي، گِدڙُ، ٻگهڙُ پڻ جاندارَ آهن. انهن کي جانور چئبو آهي.

نِم، ٻَبَرُ، ڪٽڪ ۽ ڪمند جاندار آهن. ٻاجيون ۽ گاهَ به جاندار آهن.اُنهن کي ٻُوٽا چئبو آهي.

ڪتاب، ميز، ڪُرسي ۽ گلاس بي جان شيون آهن. جاندار شيون چُرپُر ڪن ٿيون ۽ وڌن ٿيون. بي جانِ شيون چُر پُر نه ٿيون ڪن ۽ واڌ به نه ٿيون ڪن.

مشق

1. پَڙهُو ۽ لکو:

جاندار - جانور - ٻُوٽا - چُر پُر - واڌ-

ماڻهو - ڪمند - گلاس - گدڙ - بگهڙ .

2. هيٺيان جاندار آهن يا بي جان؟ انهن جي سامهون ڏنل خاني ۾ (✓) نشان لڳايو:

	جاندار	بي جان
		
		







بي جان	جاندار



3. ٻُڌايو تہ :

(1) جاندار ڇا کي چئبو آهي؟

(2) بي جان ڇا کي چئبو آهي؟

4. ياد رکو تہ:

(1) پکي اڏامندا آهن.

(2) مڇيون ترنديون آهن.

(3) گهوڙا ڊوڙندا آهن.

سبق پندرهون

ڪير ڇا ڪري رهيو اَهي؟



مشق

1. هي ڪهڙيون شيون آهن؟
اهي شيون ڪير ٺاهيندو آهي؟

2. هيٺين ماڻهن کي سندن ڪمن يا ڌنڌن سان تِيرَ (↙) رستي ملايو:





سبق سورهون

صفائِي

ٻارو! صفائِي رکڻ هڪ سُٺي عادت آهي. صبح جو سوير اُٿي ڪلمو پڙهجي. ڏند صاف ڪري هٿ مُنهن ڌوئجي. وهنجي سهنجي اڇا اُجرا ڪپڙا پائجن. ننهن وڏا ٿين تہ ڪَترائجن. وارن کي تيل مکي ڦڻي ڏجي. تازو ۽ صاف کاڌو کائجي. کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ بہ صاف رکجن. گهر، گهٽيءَ ۽ اسڪول کي صاف سُٿرو رکجي. صبح جو سوير ورزش ڪجي. پنڌ ڪرڻ، ڊوڙڻ ۽ ترڻ سٺي ورزش آهي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو بيمار ڪونہ ٿيندو.

مشق

1. پڙهو ۽ لِکو:

صفائي - عادت - سو ير - وهنجي سهنجي -

اڇا اُجرا - ڪَترائجن - ورزش.

2. اکرَ ملائي لفظَ ناهيو:

ن ـنـ هـ ـن - مـ ـکـ ـي - ڦـ ـڏ ـي - ٿـ ـيـ ـن.

3. مناسب لفظن سان خالي جايون ڀريو:

(1) صفائي رکڻ .... عادت آهي.

سٺي	خراب

(2) ننهن .... ٿين تہ کترائجن.

ننڍا	وڏا

(3) ورزش ڪرڻ سان ماڻهو.....ڪونہ ٿيندو.

بيمار	چڱو ڀلو

(4) صبح جو .... اُٿــجي.

سوير	دير سان

4. هيٺيان ٻِٽا لفظَ پَڙهو ۽ اهڙا ٻيا لفظَ ناهيو:

وهنجي سهنجي - اڇا اُجرا - ڪائڻ پيئڻ - صاف سُٿرو

5. ٽٻڪا ملايو:



سبق سترهون

ميلو

كالهہ اسين ميلو گهمڻ ويا سين. اُتي ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا هئا.اُتي مٺاين، رانديڪن ۽ ٻين شين جا دڪانَ هئا. اُهي ڏاڍا سينگاريل هئا.هوٽلون بہ سينگاريل هيون. ميلي ۾ چوڏيلَ، ڦرٽيون ۽ جُهولا هئا. اُنهن تي چڙهي اسان کي ڏاڍو مزو آيو. ملاڪڙي جو ڍُهل وڄو، تہ ماڻهو ملاڪڙي ڏسڻ لاءِ وڃڻ لڳا. اسين بہ ملاڪڙو ڏسڻ ويا سين. اُتي مَلهہ، مَلُهون وڙهي رهيا هئا. رات جو اسين سرڪس ڏسڻ ويا سين.اُتي اسان گهوڙن، شينهن ۽ هاٿيءَ جا تماشا ڏٺا. اُن سان گڏ بازيگرن جا کيل بہ ڏٺا سين.

پوءِ ميلي مان رانديڪا، ڳاناءِ مٺايون وٺي گهر موٽيا سين.

مشق

1. پڙهو ۽ لِکو:

ميلو - هوٿلون - سينگاريل - چوڏيل -
ڦِرٽيون - جُهولا - ملاکڙو - سرکس -
موٿياسين - مَلُهه - مَلُهون .

2. مناسب لفظن سان خالي جايون ڀريو:

(1) .... وڃان ٿو.	آئون- تون
(2) ....وڃون ٿا.	اسين - اوهين
(3) ....وڃين ٿو.	اُهي - تون
(4) .... وڃو ٿا.	اوهين - اسين
(5) ....وڃي ٿي	هو - هوءَ

3. پڙهو ۽ ورجايو:

ماڻهن جو ميڙ. ڪُنجين جو ڇُڳو. گلن جو گلدستو.
ٻڪرين جو ڌڻ. پکين جو ولر.

سبق ارڙهون

سِجُ، چنڊ ۽ تارا

هيءَ دنيا الله سائينءَ جوڙي آهي. سِجُ، چنڊ ۽ تارا بہ اُن پيدا ڪيا آهن. سج اوڀر ڪان اُڀرندو آهي. اُن مان اسان کي روشني ۽ گرمي ملندي آهي. اُهي ساهہ وارن لاءِ ضروري آهن. سج اولهہ طرف لهندو آهي. سج لهڻ سان اوندهہ ٿيڻ لڳندي آهي. شام جو ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر موٽي ايندا آهن. پکي آکيرن ۾ ايندا آهن. جانور بہ پنهنجن وٿاڻن تي موٽي ايندا آهن. رات جو آسمانَ ۾ تارا ٽمڪندا آهن. چنڊ بہ آسمانَ ۾ چمڪندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهي شيون الله سائينءَ اسان لاءِ پيدا ڪيون آهن. اسين اُن جو شڪر ڪريون ٿا.

مشق

1. پڙهو ۽ لکو:

دنيا - جوَڙي - اُپرندو - آڪيرن - روشني - گرمي - وڻاٽن - آسمان - تمڪندا - چمڪندا - شُڪر.

2. هيٺين جا ابتڙ لفظ لکو: جيئن : اوپر جو اولھ

گرمي .... شام .... ايندا..........

رات .... آسمان .... اوندھ ....

3. پَڙهو ۽ وَرجايو:

اولھ اوپر ڏکڻ اُتر - صبح منجهند شام رات.

4. خالي جايون ڀريو:

(1) سج ..... ڪان اپرندو آهي.

(2) سج مان اسان کي .... ۽ گرمي ملندي آهي.

(3) سج .... طرف لهندو آهي.

(4) سج لهڻ سان .... ٿيڻ لڳندي آهي.

(5) رات جو آسمان ۾ .... تمڪندا آهن.

5. هڪ ڪانو اُس ۾ زمين تي اُپو ڪري ببيهاريو، پوءِ ڏار ڏار وقتن تي اُن جو پاڇو ماپيو.

پوءِ ٻڌايو تہ:

ڪهڙي وقت پاڇو سِپ ڪان ننڍو هوندو آهي؟

ڪهڙي وقت پاڇو سِپ ڪان وڏو هوندو آهي؟



سبق اوڻيهون

واهہ ڙي تارا (بيت)

واهہ ڙي تارا گول تارا !
روشن تارا چِلڪي وارا !
سانجهيءَ ٽاڻي نڪرو ٿا،
اُپ سڄي ۾ پکڙو ٿا.
چِلڪو چمڪو ساري رات !
ڪَجي اوهان جي کهڙي بات !
رات لنگهي يا باقي چا؟
اوهين بتايو واٽ اِها.
جوت اوهان جي جي نہ هجي،
واٽهڙُو ڪَرَ واٽ مُنجهي.

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

گول - سانجهيءَ - ٽاڻي - اُپ - پکڙو - باقي -
بتايو - جي - ڪَرَ - جوت.

2. اکَر ملائي لفظَ ناهيو:

چ ـلـ ڪـ ي - لـ ـنـ ـگھـ ي - واٽـ ـھـ ـڙو - مُـ ـنـ جـ ـھـ ي

3. پَڙهو ۽ ورجايو:

ڪَرَ - پَرَ - هَرَ - سَرَ - ڦَرَ - گهرَ - دَرَ .

4. نوان لفظَ ناهيو:

جيئن : تارا مان تارو

گهوڙا مان ....

طوطا مان ....

جهنڊا مان ....

ڪپڙا مان ....

بُوٽا مان ....

5. ٽپڪا ملايو ۽ نالو ٻُڌايو:

سبق ويهون

گُڏين راند

پاڙي جون نينگريون زينت جي گھر اچي گڏ ٿيون. سڀني ڇوڪرين کي سُٺا ڪپڙا پاتل هئا. اُنهن پنهنجيون گُڏيون بہ پاڻ سان آنديون هيون. گُڏين کي بہ سُٺا ڪپڙا ۽ زيور پاتل هئا.

زينت جي گھر ڏاڍو ڇهڇٽو لڳو پيو هو. ڪِن ڇوڪرين دُهل تي لاڏا پئي ڳايا. ڪِن طعام پئي تيار ڪيا. مطلب تہ سڀ نينگريون ڏاڍيون خوش هيون.

مشق

1. پَڙهو ۽ لکو:

پاڙي - نينگريون - پنهنجيون - گُڏيون - آنديون - زيور- ڇهڇٽو - دهل -لاڏا - شادي .

2. اَکَرَ ملائي لفظ ٺاهيو:

گـ ھـ ر - گـ ڏ - سـ ڀـ نـ ي

ڇـ و ڪـ ر ي ـن - پـ نـ ھـ نـ جـ يـ و ن

3. پڙهو لکو ۽ ورجايو:

هُو - هُئا - هُئي - هُيون.

خال ڀريو:

(1) ڇوڪريون گڏ ٿيون ....

(2) ڇوڪرين کي سُٺا ڪپڙا پاتل ....

(3) ڇهڇٽو لڳو پيو ....

(4) گُڏي ۽ گُڏيءَ جي شادي ....

هئي	هيون
هيون	هئا
هئا	هو
هو	هئي

4. سُڃاڻو ۽ نالا ٻڌايو:

4. هنن راندين جا نالا لکو:

سبق ايڪيهون

مِينهُن (ٻاراٽا پولَ)



پِٽ تي جِهرِڪي،
مِينهُن آيو ترِڪي.
پِٽ تي نوڙِي،
مِينهُن آيو ڊوڙِي.
جَنڊ ۾ مَڪڙو،
مِينهُن آيو تڪڙو.
پِٽ تي لوٽِي،
مِينهُن آيو موٽِي.

مشق

1. پَڙهو ۽ لکو:

ترڪي - تڪڙو - لوٽِي.

2. اَکَرَ ملائي لفظَ ناهيو:

پ ـٽ - ج هـ ر ڪـ ي - نـ و ڙي-

مـ و ٽـ ي - ج ـنـ ڊ - مـ ڪـ ڙ و.

3. سُڃاڻو ۽ نالا ٻُڌايو:



4. خالي جايون ڀريو:

(1) مٿي .... ٽوپِي آهي.

(2) گلاس........ پاڻِي آهي.

سبق ٻاويهون

سواريون



آءٌ ٽانگي تي چڙهي اسڪول ويندو آهيان. ٽانگي ۾ ٻيا ٻار بہ مون سان گڏ هوندا آهن. ڪي ٻار سائيڪلن تي چڙهي اسڪول ايندا آهن. اسان جو استاد موٽر سائيڪل تي چڙهي اسڪول ايندو آهي.

اهي سڀ شيون سواريءَ جي ڪم اينديون آهن. بس، موٽرڪار ۽ ريل گاڏي بہ سواريءَ جي ڪم اچن ٿيون. هوائي جهاز بہ سواري جي ڪم اچي ٿو.

اُٺ، گھوڙو ۽ گڏھ بہ سواريءَ جا جانور آهن. ڏِڳي گاڏي، اُٺ گاڏي ۽ گڏھ گاڏيءَ تي بار ڪٽبو آهي. انهن تي سواري بہ ڪبي آهي. اهي سڀ اسان جي ڪم اچن ٿيون. انهن جي سنڀال ڪرڻ گھرجي.

مشق

1. پڙهو ۽ لکو:

ٽانگي- اسڪولَ - سائيڪل - موٽرسائيڪلِ - هوائي جهاز- ڏِڳي گاڏي - سنڀال .

2. اکَرَ ملائي لفظَ ٺاهيو:

چ ڙ ھ ي - س و ا ر ي - ٻ ا ر - ڪ ٺ ب و

3. سُڃاڻو:



4. هي گاڏيون ڪهڙا جانور ڇِڪي رهيا آهن؟



5. سڀني کان تِکي سواريءَ تي (✓) نشان هڻو:



6. انگَ ملايو ۽ رنگَ ڀريو:



سبق ٽيويھون

اَچو تہ شيون ٺاھيون

مِٽيءَ مان شيون ٺاھيو:

1- ڀِتر ڀڃي مِٽي سَنھي ڪريو. اُن ۾ پاڻي ملايو ۽ پِنوڙو ٺاھيو. ھاڻي پِنوڙي مان ٿورو ذرو ڪٽو. اُن کي ھٿن ۾ گھمايو ۽ ڳوڙھو ٺاھيو:

2- اھڙو ٻيو ڳوڙھو يا چاٽو ٺاھي، ھٿن جي وچ ۾ رکي زور ڏيو ۽ لولِي ٺاھيو.

مشق

1. پَڙھو ۽ لکو:

ڀِتر - پِنوڙو - ڳوڙھو - چاٽو - نھہ - ڙھہ.

2. پَڙھو ۽ ورجايو:

سَنھي - سنھو - لولِي - لولو - گھوڙِي -
گھوڙو - دِلي - دِلو - ڏاڏِي - ڏاڏو -
چاچِي - چاچو - مامِي - مامو.

3. مِٽيءَ مان ھيٺيون شيون ٺاھي ڏيکاريو:

صوف - ڏاڙھون - ڪيلو - زيتون - انب.

سبق چوويهون

ڳُجهارَتُون

1. ڳُجهارَت ڳُجهِڙِي،
ڪَن نڪو پُڇِڙِي.

2. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ،
سَو ڪُلُنِ جو ساڻ.

مشق

1. پڙهو ۽ لکو:
ڳُجهارت - ڳُجهِڙِي - پُڇِڙِي - ساڻ.

2. لفظ ٺاهيو:
جيئن : هيڏو مان هيڏڙو
ننڍو مان...... وڏو مان .... ڪيڏو مان .....

3. ٻُڌايو تہ:
(1) بصر ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟
(2) بصر جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي؟

4. هيٺين جون شڪليون ٺاهي ڏيکاريو ۽ انهن ۾ رنگ ڀريو:



سبق پنجويهون

شِينهُن ۽ ڪُئو



سبق چوويهون

جانورن جون بوليون

گهوڙو هِڻ هِڻ، هِڻڪي ٿو،

ڪُتو ڀَؤن ڀَؤن، ڀؤنڪي ٿو،

ڪوئل ڪُوڪُو، ڪُوڪي ٿي،

ٻَڪري ٻي ٻي، ٻيڪي ٿي ،

ڪانوَ ڪن ٿا ، ڪان ڪان ڪان،

ڏيڏر ڪن ٿا ، ٿان ٿان.

- امداد حسيني

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

هِڻڪي - ڀؤنڪي - ڪُوڪي - ٻيڪي.

2. سُجاڻو ۽ نالا لِکو:



3. ٻڌايو تہ:
توهان کي ٻين کھڙن جانورن جون ٻوليون اچن ٿيون؟

4. ٻُڌايو تہ:

(1) ڪوئل اُڏامندي آهي يا تَرندي آهي؟
(2) جِھرڪِي وڏي آهي يا ڪانءُ؟
(3) گھوڙو گاھہ کائيندو آهي يا گوشت؟
(4) ٻڪري گوشت کائيندي آهي يا گاھہ؟
(5) ڏيڏر سُرندو آهي يا ٽپ ڏيندو آهي؟

سبق ستاويهون

لِڪَ لِڪوٽِي راند

شام ٿي ته ٻارن جا آواز اچڻ لڳا،
اَچوڙي ٻارو، راند جو وارو! ٻار، اهي آواز ٻُڌي ڊوڙندا آيا، پوءِ هڪڙي ٻار جي اکين تي پَٽِي ٻَڌي، اُن کي پِڙ ۾ ويهاريو ويو.

ٻيا ٻار اُن جي مٿي تي هڪ ٻئي مٿان مُٺيون رکندا ويا. پوءِ واري واري سان چوندا ويا:

ڪنگري ڪ لوٽو- پاٽيءَ پريو ڦوٽو،
ڦوٽا ڦڪينديس- لونگ لٽينديس.
هيٺينئڙو ڪي مٿينئڙو؟

آگ ڏيندڙ ٻار ڪڏهن هيٺينئَڙو ته ڪڏهن مٿينئَڙو چوندو ويو.

پوءِ ٻار واري واري سان لڪندا ويا. جڏهن سڀ ٻار وڃي لڪا، تڏهن هڪڙي ٻار ڪُوڪ ڪئي. پِڙ ۾ ويٺل ٻار اکين تان پَٽي کولي اُنهن ٻارن کي ڳولڻ لڳو.

ٻيا ٻار ته لڪندا ڇُپندا پڙ ۾ پهچي ويا. هڪڙي ٻار کي هٿ لڳِي ويو ۽ هُو ڪاپي پيو. پوءِ اُن جي اکين تي پٽِي ٻَڌي ڪيس پِڙ ۾ ويهاريو ويو. ائين راند وري شروع ٿي وئي.

مشق

1. اکَرَ ملائي لفظَ ٺاهيو:

سـ ـپـ ـَـئـ ـي - پـ ـٽـ ـي - هـ ـڪ ـٻـ ـئـ ـي - پـ ـهـ ـچـ ـي.

2. هيٺيان لفظَ ٺاهيو:

پڙ - لٺينديس - ڦڪينديس - آڳ -

ڪُوڪ - ڪاپي - ويهاريو - شروع -

3. هم وزن ۽ هم آواز لفظَ ٺاهيو:

جيئن: جڏهن - تڏهن

هيٺينئَڙو - مٿينئَڙو،

4. ياد رکو ته:

(1) راند ڪيڏڻ سان ٻارَ چُست ۽ چالاڪ ٿين ٿا.

(2) گڏجي راند ڪيڏڻ سان پاڻ ۾ ٻَڌي پيدا ٿئي ٿي.

5. ٻُڌايو ته:

(1) توهين ڪهڙيون رانديون ڪيڏندا آهيو؟

(2) توهان کي ڪهڙي راند وڻندي آهي؟

دُعا (بيت)

خُدايا اِها،
دُعا ٿو گُهران:
سَنئين واٽ تان،
سدائين هَلان.
اَبو ۽ اَمان،
سُکيا شَل رکان.
اَگهو کينَ ٿيان،
سَگهو شَل رهان.
وطن ساڻ مان،
محبت کريان.
پڙهان ۽ لکان،
هُنر پڻ سِکان.

-امداد حسيني

مشق

1. پَڙهو ۽ لِکو:

خدايا - دُعا - گُهران - شل - اگهو - سَگهو.

2. هنن لفظن جا ابتڙ لفظَ ڻاهيو:

جيئن: اَبو- اَمان

ڏِنگي ....

سُکيا ....

اڳهو ....

3. پَڙهو ۽ ورجايو:

(1) جي پڙهندين تہ پاس ٿيندين.

(2) جڏهن جُهڙ ٿيندو آهي تڏهن مينهُن وسندو آهي.

(3) جنهن محنت ڪئي تنهن کي انعام مليو.

(4) جو ڪِيرُ پئي سو وِيرُ ٿئي.

(5) جيئن سج لٿو تيئن اونده ٿيڻ لڳي.

4. ياد رکو تہ:

(1) دعا سدائين خدا کان گُهرڻ گهرجي.

(2) ماءُ ۽ پيءُ کي سُکيو رکڻ گهرجي .

(3) سدائين سَنئِين وات تي هلڻ گهرجي .

(4) پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ گهرجي.

(5) پڙهڻ ۽ لکڻ سان گڏ هنر پڻ سکڻ گهرجي .

هي ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو جو تيار ڪرايل پوفاقي وزارت تعليم
اسلام آباد پاران سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور
منظور ڪيل قومي رويو ڪاميٽي، جو منظور ڪيل.

قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد ڪشورِ حسين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عاليشان ارضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد
پاڪ سرزمين ڪا نظام قوتِ اُخوتِ عوام
قوم مُلڪ، سلطنت پائنده تابنده باد
شاد باد منزلِ مُراد
پرچم ستاره و هلال رهبرِ ترقي و ڪمال
ترجمانِ ماضي شانِ حال جانِ استقبال
سايهءِ خداي ذوالجلال

ڪوڊ نمبر ايس ٽي بي 98

ڇپائي جو مهينو ۽ سال	ڇاپو	تعداد	قيمت
جنوري 1999ع	چوٿون	100,000	13.25

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ٿي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪِڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کِنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.
پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وٺ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.
توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)